روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 07 مئي 2023ع بمطابق 16 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 341

عمران خان طرفان ايندڙ هفتي کان سڄي ملڪ ۾ جلسن جو اعلان

اسان تي قاتلاڻي حملا ٿيا، ڪنهن کي پرواهه ناهي، قوم جو نقصان ٿي رهيو آهي، انهن کي پرواهه ناهي، قانون جي حڪمراني لاءِ سڀ ماڻهو نڪري رهيا آهن : عمران خان

آئين موجب اسيمبليون ٽٽڻ کانپوءِ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻيون آهن، ان تي سمورا جج ۽ وڪيل متفق آهن، وفاق، نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن گڏجي چونڊون نٿا ٿيڻ ڏين

جيستائين چونڊون نه ٿيون ٿين سک سان نه ويهنداسين . اسان کي چيف جسٽس ڳالهين جو چيو، اسان ڳالهيون ڪيون، انهن هر قسم جو بهانو ڪيو

چيو ويو پئسو ناهي، انهن جي رڳو هڪ ئي ڪوشش آهي ته چونڊون نه ٿين، اسان رڳو چونڊون چاهيون ٿا

مان چوڻ چاهيان ٿو ته سڄي قوم چيف جسٽس سان گڏ آهي، 14 مئي تي چونڊون نه ٿيون ته روڊن تي هونداسين

چيف جسٽس سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ پي ٽي آءِ جي ريلي زمان پارڪ کان شروع ٿي ۽ لڪشمي چوڪ ميٽرو اسٽيشن تي عمران خان پنهنجي گاڏي جي اندران ئي خطاب ڪيو

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي 14 مئي تي چونڊون نه ٿيون ته روڊن تي هونداسين، ايندڙ هفتي کان 14 مئي تائين جلسا ڪندس، چيف جسٽس سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ پي ٽي آءِ جي ريلي زمان پارڪ کان شروع ٿي ۽ لڪشمي چوڪ ميٽرو اسٽيشن تي عمران خان پنهنجي گاڏي جي اندران ئي خطاب ڪيو هن چيو ته اسان تي قاتلاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان ريلي کي گاڏي اندران خطاب ڪري رهيو آهي

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي به نيب ترميم مان فيضياب، شروعاتي ريليف ملي ويو

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ سندس گهرواري کي نيب ترميم جي نتيجي ۾ عدالت مان شروعاتي ريليف ملي ويو توشه خاني تحفن جي جاچ واري معاملي ۾ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي اماڻيل نيب نوٽيسز جي خلاف وڏو حڪم جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ تازو نيب ترميم جي نتيجي ۾ عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

چين ۽ پاڪستان افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهن: بلاول ڀٽو

اسان ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام خطي ۾ سماجي، اقتصادي ترقي، رابطن ۽ خوشحالي جي لاءِ اهم آهي

پاڪستان ون چائنه پاليسي جي حمايت ڪري ٿو، اسان پرامن، مستحڪم، خوشحال ۽ متحد افغانستان جي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان ملي ڪم ڪندا رهنداسين

پاڪستان بلاڪ جي سياست ڪنهن به قسم جي وڏيڪ طاقت جي مقابلي خلاف آهي، ترقي ۽ رابطن جي گڏيل چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ سمورن ملڪن سان ملي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا

اسان ايندڙ عالمي خدشن جنهن ۾ انسان جي پيدا ڪيل موسمياتي تبديلي جي روشني ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان چين سان جڙيل رهڻ لاءِ پرعزم آهيون

پاڪستان ۽ چين جي دوستي 72 سالن جي پراڻي دوستي آهي جيڪا ڪيترن ئي سالن کان مضبوط ٿي رهي آهي نسلون، سياسي ورهاست جي باجود ان تي اتفاق راءِ ڪن ٿيون

چين دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي قدمن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. اميد آهي ته اسان جا دوستاڻا لاڳاپا ۽ ڳالهيون مستقبل ۾ به جاري رهندا : چيني پرڏيهي وزير

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته چين ۽ پاڪستان افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهن. اسلام آباد ۾ پاڪ چين اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ جو چوٿون دور منعقد ٿيو جنهن جي گڏيل صدارت پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ چيني پرڏيهي وزير چن ڪانگ ڪئي پرڏيهي آفيس ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس دوران پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو چيو ته چن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيني هم منصب سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سان فارين ميڊيا جرنلسٽس ايسوسي ايشن وفد جي ملاقات

سنڌ حڪومت تازين ٻوڏن سبب تباهه ٿيل 22 لک گهرن جي نئين سر تعمير واري منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت صحت، توانائي، تعليم، زراعت، انفرااسٽرڪچر ۽ ٻين شعبن ۾ اهم ڪم ڪيا آهن

صحافين جا پروفيشنل فرض پورا ڪرڻ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ ڀرپور سهڪار ڪيو

معياري ۽ مثالي پبلڪ ٽرانسپورٽ جو ڪرايو موٽرسائيڪل جي سفر کان به سستو آهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سان فارين ميڊيا جرنلسٽس ايسوسي ايشن جي صدر اشرف خان جي صدارت ۾ اڄ ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي، ان موقعي تي سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ پرڏيهي اخبارن، نيوز ايجنسين ۽ نشرياتي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ پرڏيهي نشرياتي ادارن جي نمائندن سان ڳالهائيندي اطلاعات واري صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سان فارين ميڊيا جرنلسٽس ايسوسي ايشن جي وفد جو ڪنٽل گروپ فوٽو

موسميات کاتي ڪراچي ۾ ايندڙ ٽن ڏينهن دوران گرمي وڌڻ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

ڪراچي (م د) موسميات کاتي ڪراچي ۾ ايندڙ 3 ڏينهن دوران گرمي جي شدت ۾ واڌ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. موسميات کاتي طرفان ڪراچي ۾ ايندڙ 3 ڏينهن دوران گرمي جي شدت ۾ واڌ ٿيندي، ايندڙ 3 ڏينهن دوران شهر جو موسم گرم ۽ ڳچولو رهندو جڏهن ته ان دوران وڌ کان وڌ گرمي پد 36 کان 38 ڊگري سينٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ جو وڏو وزير آءِ بي اي يونيورسٽي جي نائين ڪانووڪيشن ۾ شريڪ

ڪامياب ٿيندڙ شاگردن جي والدين کي مبارڪ باد ڏيان ٿو: مراد علي شاهه

ڪوود 19 هڪ تمام وڏو مسئلو هو جنهن کي اسان بهتر نموني سان حل ڪيو

آءِ بي اي سکر يونيورسٽي کي آءِ بي اي ڪراچي يونيورسٽي سان منسلڪ ڪيو ويو هو

سکر (رپورٽر) وزيراعلىٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه آئي بي اي يونيورسٽي ۾ نائين ڪانووڪيشن ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، وائس چانسلر آءِ بي اي يونيورسٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعظم شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه چارلس سان ملاقات، تاجپوشي جي مبارڪباد

شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه چارلس سان ملاقات ٿي جنهن ۾ هن بادشاهه چارلس کي پاڪستان جي دعوت جي دعوت به ڏني : مريم اورنگزيب

تاجپوشي جي تقريب کان اڳ ملاقات ۾ شاهه چارلس وزيراعظم سان ڳالهين ۾ پنهنجي پاڪستان جي اڳوڻي دوري کي به ياد ڪيو

لنڊن (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه چارلس سان ملاقات ٿي جنهن ۾ هن شاهه چارلس کي تاجپوشي جي مبارڪباد ڏني. سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب موجب شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه چارلس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سکر: وزيراعلىٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه آئي بي اي يونيورسٽي ۾ نائين ڪانووڪيشن ۾ ڊگري ڏئي رهيو آهي

بلاول پارٽ مان بي عزتي ڪرائي واپس اچي ويو : فواد چوڌري

سياسي استحڪام لاءِ چونڊون ضروري آهن

حڪومت کي اسيمبليون ٽوڙڻيون ئي آهن، ان لاءِ ڳالهين جي ضرورت ناهي

جهلم (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته بلاول ڀارت مان بي عزتي ڪرائي واپس اچي ويو نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان جي ترقي ۾ نوجوانن جو اهم ڪردار آهي: سيد مراد علي شاهه

پروفيسر مرحوم نثار احمد صديقي جون خدمتون ملڪ ۽ صوبي لاءِ اهم هيون اسان ان کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون

حڪومت سنڌ اسڪالرشپ پروگرام ذريعي 200 شاگردن کي آءِ بي اي سکر يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ مدد فراهم ڪري رهي آهي

آءِ بي اي سکر يونيورسٽي پنهنجي مدد جي تحت 1.5 ميگاواٽ کان وڌيڪ بجلي شمسي توانائي سان پيدا ڪئي آهي

سکر (رپورٽر) وزيراعلىٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه آئي بي اي يونيورسٽي ۾ نائين ڪانووڪيشن ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، وائس چانسلر آءِ بي اي يونيورسٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد پوليس عمران خان کي چئن مختلف ڪيسن ۾ جاچ لاءِ طلب ڪري ورتو

اسلام آباد پوليس عمران خان کي 10 ۽ 11 مئي تي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ طلبي جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

رمنا ٿاڻي ۾ داخل ڪيس نمبر 153 ۾ عمران خان پيش ٿئي : جاري نوٽيس جو متن

عمران خان کي پوليس لائين هيڊ ڪوارٽرز ۾ جي آءِ ٽي سامهون پيش ٿيڻ جي لاءِ نوٽيس جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد پوليس عمران خان کي 4 مختلف ڪيسن ۾ جاچ جي لاءِ طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد پوليس عمران خان کي 10 ۽ 11 مئي تي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ طلبي جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن جاري ڪيل نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته رمنا ٿاڻي ۾ داخل ڪيس نمبر 153 ۾ عمران خان پيش ٿئي ان کان علاوه ڪيس رمنا ٿاڻي ۾ ئي داخل ڪيس نمبر 154 ۾ 10 مئي تي طلب ڪيو ويو آهي سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ داخل ڪيس نمبر 03 ۾ عمران خان کي 11 مئي ۽ گولڙه ٿاڻي ۾ داخل ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

برطانيا جي بادشاهه چارلس کي تاريخي ڪنگ ايڊورڊ تاج پهرايو ويو

تاج پوشي جي تقريب ويسٽ منسٽر ايبي ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين جاري رهي

بادشاهه چارلس جي حلف برداري ۾ آرچ بشپ آف ڪينٽربري حلف ورتو

لنڊن (م د) برطانيا جي بادشاهه چارلس کي تاريخي ڪنگ ايڊورڊ تاج پهرايو ويو برطانيا جي بادشاهه چارلس ٽئين ۽ سندس زال ملڪه ڪنسورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لنڊن: 70 سالن کان پوءِ تاج پوشي تقريب ۾ نئين بادشاهه چارلس ٽئين کي تاج پارايو ويو آهي

عابد شير علي حڪومت کان ثاقب نثار تي آرٽيڪل 6 تحت ڪيس هلائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

عمران خان جو ملڪ دشمن سازش ۾ اهم ڪردار آهي. جسٽس کوسه، جسٽس ثاقب ۽ جسٽس گلزار هن رانڌ جا اهم ڪردار آهن : عابد شير علي

ثاقب نثار جو نالو تاريخ جي بدترين ڪردارن ۾ آهي هن پئسا وٺي ملڪ کي وڪرو ڪيو

فيض حميد عمران خان جا جلسا ڪرائيندو هو، اهو ڪهڙو انصاف آهي جو روزاني عمران خان جي ضمانت ٿي ويندي آهي

اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار ن ليگ اڳواڻ عابد شير علي

لاهور (م د) مسلم ليگ (ن) اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزير عابد شير علي حڪومت کان اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار خلاف آرٽيڪل 6 جي تحت ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حج ڪوٽا سعودي عرب کي واپس ڪري ڇڏي

سرڪاري اسڪيم جي 8 هزار حاجين جي ڪوٽا سعودي عرب کي واپس ڪئي وئي

ڪوٽا واپس نه ڪرڻ سبب اسلام آباد کي 24 ملين ڊالرز وڌيڪ ادا ڪرڻا پون ها

اسلام آباد (م د) پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائين ٿيو آهي ته حج ڪوٽا مڪمل نه ٿيڻ سبب سعودي عرب کي واپس ڪئي وئي آهي، مذهبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

احتساب عدالت عثمان بزدار کي نيب جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

لاهور جي احتساب عدالت ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عثمان بزدار جي وڪيلن پنهنجي دليلن ۾ چيو ته نيب عثمان بزدار کان 4 سوال پڇيا جنهن جا جواب ڏئي ڇڏيا

اسان هنن جي سمورن سوالن جا جواب عدالت جي سامهون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون : عثمان بزدار جو وڪيل

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير عثمان بزدار (فائيل فوٽو)

لاهور (م د) احتساب عدالت پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار کي نيب جاچ ۾ تعاون ۽ شامل ٿيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. لاهور جي احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عالمي مارڪيٽ ۾ سون سستو، پاڪستان ۾ مهانگو ٿي ويو

في تولي سون جي قيمت ۾ 500 رپيا واڌ ٿي

ڏهه گرام سون 429 رپيا واڌ سان هڪ لک 93 هزار 330 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) سون جو اگهه ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب في تولي سون جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بلاول ڀٽو زرداري جي پارٽي سرزمين تي ڪليل موقف بي جي پي ۽ بي ٽي آءِ جي ننڍون حرام ڪري ڇڏيون آهن: وقار مهدي

عمران خان هميشه ان غلط فهمي ۾ رهندو آهي ته هن وانگر سڄي قوم جي يادداشت ڪمزور آهي

بلاول ڀٽو زرداري ڀارت خلاف پاڪستان ۽ ڪشمير جو ڪيس بهادري ۽ ڏاهپ سان وڙهيو آهي

بي جي پي ۽ پي ٽي آءِ جي ڪاوڙ ٻنهي پارٽين جي اندروني رضامندي کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي چيو آهي ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڀارتي سرزمين تي ڪليل موقف بي جي پي ۽ پي ٽي آءِ جي ننڊون حرام ڪري ڇڏيون. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

والاريل ڪشمير ۾ ڌماڪا: 5 ڀارتي فوجي مارجي ويا، هڪ زخمي

ڀارتي فوج جو والاريل ڪشمير جي علائقي راجوڙي ۾ آپريشن 3 مئي کان جاري هو

حملي دوران ڪيترائي مارجي وڃڻ کان علاوه ڪيترائي زخمي به ٿي پيا هئا

سري نگر (م د) والاريل ڪشمير جي علائقي راجوڙي ۾ ڌماڪا، 5 ڀارتي فوجي مارجي ويا، جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو ڀارتي سيڪيورٽي فورسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪوئيٽا ۾ 34 هين نيشنل گيمز جي مشعل ريلي جي ڪراچي کان شروعات

مزار قائد تي 34 هين نيشنل گيمز جي مشعل روشن ڪئي وئي

چيف سيڪريٽري سنڌ مشعل روشن ڪري سفر جي شروعات ڪئي

نيشنل گيمز 22 مئي کان 30 مئي تائين ڪوئيٽا ۾ ڪيڏيون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) ڪوئيٽا ۾ 22 مئي کان 30 مئي تائين ٿيندڙ 34 هين نيشنل گيمز جي مشعل ريلي جي ڪراچي کان شروعات ٿي. مزار قائد تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت مشعل روشن ڪئي ۽ اها هاڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: ٽائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان وزيراعظم آزاد جمون ڪشمير ملاقات ڪندي

آزاد ڪشمير جي شهري مريم نواز کي تحفي طور 50 هزار ايڪڙ زمين ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم جي ڌيءُ ۽ مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نوازشريف کي آزاد ڪشمير جي شهري 50 هزار ايڪڙ زمين تحفي طور ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو راولاڪوٽ آزاد ڪشمير جي رهواسي زاهد حسين پنهنجي سموري زمين اسٽامپ پيپر ذريعي مريم نوازشريف جي نالي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ٽوئيٽر تي شيئر ڪيل قانوني دستاويزن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

رتوديرو ۾ نوجوان ڇوڪري سان زيادتي جو جوابدار گرفتار

واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار شفيع محمد گرفتار ڪيو ويو

صوبائي وزير شهلا رضا جي هدايت تي گرفتاري عمل ۾ آندي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وومين ڊولپمينٽ کاتي واري وزير سيده شهلا رضا جي هدايت تي رتوديرو ۾ نينگري سان زيادتي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار شفيع محمد کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب جوابدار شفيع محمد گڏريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: رتوديرو ۾ نوجوان ڇوڪري سان زيادتي جو گرفتار ٿيل جوابدار ٿاڻي تي بيٺل آهي

لاڙڪاڻو: رتوديرو ۾ نوجوان ناري اغوا بعد لڄالٽ جو شڪار، ڳنڀير حالت ۾ چانڊڪا اسپتال داخل

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) رتوديرو شهر ۾ نوجوان ناري کي مبينا طور اغوا ڪري لڄالٽ جو نشانو بڻايو ويو، ناري جي حالت ڳنڀير ٿيڻ تي وارثن کيس لاڙڪاڻي جي اسپتال داخل ڪرائي ڇڏيو. پوليس متاثر ناري کان بيان وٺي واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ رتوديرو شهر جي نادر شاهه پاڙي ۾ مبينا طور جوابدار پنهنجي ساٿين سان گڏجي محمدي ڪالوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: نيشنل گيمز جي مشعل تقريب کي چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت خطاب ڪندي

بلوچستان ۾ آنڌاري، برسات ۽ وڄ ڪرڻ سبب ٽن ٻارن سوڌو 4 ڄڻا فوت

آنڌاري، برسات، ڳڙي ۽ ٻوڏ ريلي سبب ڪيترين ئي گاڏين، باغن، فصلن ۽ روڊ کي نقصان پهتو

ملتان ۽ ڀکر سوڌو پنجاب جي مختلف شهرن ۾ هلڪي ۽ تيز برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ آنڌاري، برسات ۽ ٻوڏ سوڌو مستونگ ۾ وڄ ڪرڻ جي مختلف واقعن ۾ ٽن ٻارن سوڌو 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. انتظاميا موجب آنڌاري، برسات، ڳڙي ۽ ٻوڏ ريلي سبب ڪيترين ئي گاڏين، باغن، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور سميت ٻين شهرن مان 11 دهشتگرد گرفتار، سي ٽي ڊي

مختلف شهرن ۾ ڪارروايون ڪري 11 دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار دهشتگردن ۾ مهتاب، طارق، گل اعظم، معاذ، عماد، وارث، جبار شامل آهن : ترجمان

لاهور (ويب ڊيسڪ) سي ٽي ڊي مختلف ڪارروائين ۾ 11 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو. ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) جي ترجمان موجب لاهور سميت مختلف شهرن ۾ ڪارروايون ڪري 11 دهشتگردن کي گرفتار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاهور: سي ٽي ڊي پاران مختلف هنڌن تي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار ويٺل آهن

لياري يونيورسٽي ۾ فيسٽيول دوران ڀارتي فلم ڏيکارڻ جو اسماعيل راهو نوٽيس ورتو

ايڊيشنل سيڪريٽري يونيورسٽيز بورڊز عبدالفتاح هليو جي سربراهي ۾ ٽي رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي

ڪميٽي فيسٽيول دوران ڀارتي فلم ڏيکارڻ جي تحقيقات ڪري 14 ڏينهن ۾ رپورٽ پيش ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي لياري يونيورسٽي ۾ فيسٽيول دوران ڀارتي فلم ڏيکارڻ متعلق سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبر جو معاملو، يونيورسٽيز واري صوبائي وزير اسماعيل راهو پاران واقعي جو نوٽس وٺندي معاملي جي تحقيقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

رتوديرو ۾ نينگري سان زيادتي، فريال ٽالپر جو نوٽيس، رپورٽ طلب

فريال ٽالپر رتوديرو ۾ نينگري سان زيادتي جو نوٽيس وٺندي ضلعي انتظاميا ۽ پوليس اختيارين سان رابطو ڪيو

واقعي جي فوري طور تي جاچ ڪري مناسب ڪارروائي ڪئي وڃي : فريال ٽالپر

زيادتي سنگين ڏوهه آهي، جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي عورت شعبي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

سنڌ حڪومت ۽ فلور مل وارا هٽ سان اٽي جو بحران پيدا ڪن پيا: لال جروار

حيدرآباد (پ ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي نائب صدر حورالنساء پليجو، ليگل سيڪريٽري مير بشير ٽالپر، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ آصف ڪوسو ۽ ٻين مل پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پارٽ هٽ نه وڏائڻ باوجود هي اتي پهچي ويا : اسد عمر

مسئلو هڪ ڏينهن جي اليڪشن يا هڪ ئي ڏينهن اليڪشن جو ناهي

عمران خان جي سڏ تي لاهور سميت سڄي ملڪ ۾ ماڻهو ٻاهر نڪرندا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد عمر بلاول ڀٽو جي ڀارت جي دوري تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڀارت طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪشمور ۾ سڳاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ خير محمد چانڊيو ۾ پراڻي سڳاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

ڌرين هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا گولين لڳڻ ڪري 50 ورهين جو محمد يوسف چانڊيو موقعي تي ئي مارجي ويو

جهيڙي ۾ مارجي ويل مقتول محمد يوسف چانڊيو جو مڙهه وارثن پاران انڊس هاءِ وي روڊ تي رکي ڌرڻو ڏنو ويو

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڳوٺ خير محمد چانڊيو ۾ پراڻي سڳاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ڌرين هڪ ٻئي مٿان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سعودي عرب ۾ آئس نشي جي وڪري جي الزام ۾ 6 پاڪستاني گرفتار

جده (م د) سعودي عرب جي منشيات روڪ فورس جدي ۾ ڪارروائي ڪندي 6 پاڪستانين کي گرفتار ڪري ورتو ٻڌائيءِ موجب گرفتار پاڪستاني آئس نشي جي وڪري ۾ ملوث نڪتا آهن. انهن وٽان منشيات ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي.

گراهڪ هنداڻو خراب نڪرڻ تي دڪاندار کي گوليون هڻي ڇڏيون

دڪاندار جي سخت لهجي ۾ ڳالهائڻ تي گراهڪ مٿس فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ کانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو، جنهن جي ڳولا جاري آهي: پوليس

لاهور (م د) لاهور ۾ گراهڪ هنداڻو خراب نڪرڻ تي دڪاندار تي فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سکر جي يوسي نصيرآباد ۾ 7 مهينن کان بجلي جي فراهمي بند، احتجاجي مظاهرو

بجلي جي بندش خلاف وڏي انگ ۾ رهواسي مردن ۽ ٻارڙن هٿن بل کڻي احتجاج ڪيو

عملدار 7 مهينا اڳ علائقي جو خراب ٿيل ٽرانسفارمر کي ٺيڪ ڪرڻ جو چئي کڻي ويا آهن

7 مهينن کان بجلي فراهمي بند آهي جڏهن ته بجلي جا بل ادا ڪرڻ باوجود بجلي کان محروم آهيون

سکر (بيوروپورٽ) سکر جي يوسي نصيرآباد ۾ 7 مهينن کان بجلي جي فراهمي بند. علائقي واسين هٿن ۾ بل کڻي سيپڪو انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. تفصيل موجب سکر جي علائقي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: يوسي نصيرآباد واسي بجلي جي فراهمي بند هجڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور ونگار وهندي شهري تي 3 جڙتو ڪيس داخل

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور علاؤالدين خاصخيلي ونگار وهندي شهري تي 3 جڙتو ڪيس داخل ڪري ڇڏيا رهواسين جو پوليس خلاف احتجاج تفصيل موجب 3 مئي 2023ع تي سيشن ڪورٽ بدين ۾ تاريخ تي آيل جوابدار کي ڪڙيو پوليس سيشن ڪورٽ ٻاهران گرفتار ڪري ڪڙيو گهنور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

واره ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان ڌرين جو پاڻ ۾ جهيڙو، لٺين ۽ مڪن جو آزادانه استعمال

مين گرلس اسڪول اڳيان جهيڙو هڪ ڌر جو عابد حسين مرڪند ۽ ٻئي ڌر جو مسڪين مرڪند زخمي

پئسا نه ملڻ جي صورت ۾ اسان سان بد ڪلامي پيو ڪري جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي: ذريعا

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٻن ڌرين جو پاڻ ۾ جهيڙو لٺين ۽ مڪن جو آزادانه استعمال ٻه ڄڻا زخمي واره مرڪند برادري جي ٻن ڌرين ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان واره جي مين گرلس اسڪول اڳيان جهيڙو هڪ ڌر جو عابد حسين مرڪند ۽ ٻئي ڌر جو مسڪين مرڪند زخمي جنهن کان پوءِ هڪ ڌر جي زخمي عابد حسين مرڪند سرائي وزير علي ۽ معشوق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽي ۾ پاڻي ۽ بجلي جي بحران، روزگار ۽ وسيلن تي لڳندڙ ڏاڙن خلاف احتجاج

قومي عوامي تحريڪ يونٽ ٻهارا طرفان هڪ احتجاجي ريلي ٻاپڙا هوٽل کان ريلي ڪڍي وئي

ٺٽي ضلعي جي سينيئر نائب صدر حبيب الله پليجو، ضلعي اڳوان علي محمد هولاڻي شريڪ ٿيا

ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي ضلعي ۾ هوندي به ٺٽي ۽ مڪلي شهرن ۾ پاڻي جو ڏڪار برقرار آهي: ساجاهه وند

ٺٽو (بر) ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي ۽ بجلي جي بحران، روزگار ۽ وسيلن تي لڳندڙ ڏاڙن خلاف اعلانيل تحريڪ جي سلسلي ۾ اڄ ٻئي ڏينهن تي قومي عوامي تحريڪ يونٽ ٻهارا طرفان هڪ احتجاجي ريلي ٻاپڙا هوٽل کان مين گيٽ تائين قومي عوامي تحريڪ يونٽ ٻهارا جي صدر جاريد پليجو، ٺٽي ضلعي جي سينيئر نائب صدر حبيب الله پليجو، ضلعي اڳوان علي محمد هولاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ پاران پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين استاپ تي لڳل ڏاڙي جا جوابدر گرفتار نه ٿيا شهرين جو احتجاجي مظاهرو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سيرائي استاپ تي لڳل ڏاڙي جا جوابدر گرفتار نه ٿيا شهرين جو احتجاج تفصيل موجب عيد واري رات سيرائي استاپ تي اڳوڻي ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر نور محمد ڪوسي جي پٽ اوشال ڪوسو جي جنرل اسٽور تان هٿيار جي زور تي ڦر ڪندڙ ٿي جوبدار چار ڏينهن گذرڻ جي باوجود اڃان هٿيار بند جوابدار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومت ڪوشان آهي: بنگل خان مهر

پنهنجي علائقي جي سارلهه سان گڏ مختلف ترقياتي اسڪيمون ڏنيون آهن، عوام سان گڏ آهيون

اسان عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا ۽ عوامي خدمت جو تسلسل جاري رهندو، پ پ وڏي پارٽي آهي

فيض محمد خان لکڻ ۽ ڳوٺ هاسيجا مهر ۾ عبدالحليم مهر جي ڏنل چانهه پارٽي ۾ شرڪت پڻ ڪئي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) وزير اعليٰ سنڌ جي انڪوائريز اينڊ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ۽ جهنگلي جيوت کاتي بابت خاص معاون سردارزاده مير بنگل خان مهر چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومت ڪوشان آهي ڪچي واري علائقي مان ڌوهن جي روڪٿام کي يقيني بڻايو ويندو، اهڙن خيالن جو اظهار هن سرحد پرسان پرسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهرو فيروز ۾ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت پاران سرڪٽ هائوس ڪاهي ممڻ ۾ اهم اجلاس

مرڪزي فنانس سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ، سيڪريٽري جنرل ظفر سبحاني شريڪ ٿيا

سموري سنڌ جيان ضلعي نوشهروفيروز ۾ مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي ڀرپور مدد ڪئي آهي: اڳواڻ

ڳوٺاڻن کي ڀيهر آباد ڪرائڻ جي حڪمت عملي ناهي ويئي ۽ گهر ٺهرائڻ وارو سلسلو جاري ڪرايو ويو

نوشهروفيروز (بر) يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت پاران سرڪٽ هائوس ڪاهي ممڻ ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مرڪزي فنانس سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ، سيڪريٽري جنرل ظفر سبحاني، ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جي صدر محمد ط/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت جي گڏجاڻي ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

انصاف جي چيئرمين عمران خان جي سڏ تي انصاف يوٿ سجاول پاران احتجاج

سجاول: (د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي سڏ تي انصاف يوٿ ضلعي سجاول جي صدر عمران ملاح جي اڳواڻي ۾ عدليا سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي ۽ وفاقي حڪومت جي عدليا مخالف پاليسين ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

واره عوامي تحريڪ قمبر شهدادڪوٽ جو اجلاس رسول بخش جي ورسي جي انتظامن جو جائزو

ڪارڪنن پاران پارٽي قائد رسول بخش پليجي جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ رٿابندي ڪئي وئي

غلام مصطفيٰ، برڪت سوڍر، اياز جمال، نوريز چانڊيو، محبوب راهوجو، مجيب چانڊيو شريڪ ٿيا

جديد هٿيار ٻيلن ۾ پهچائي ٽريننگون ڏئي بيگناهه ماڻهن کي مارڻ جو لائيسنس ڏنو ويو آهي: اڳواڻ

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره عوامي تحريڪ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو اجلاس، پارٽي قائد رسول بخش پليجي جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ رٿابندي ڪئي وئي. برگس آدمشماري جو مدو وڌائي غير ملڪين کي ڳڻيو پيو وڃي. / اڳواڻ/ عوامي تحريڪ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي گڏجاڻي ضلع صدر عرفان منان جي صدارت ۾ ٿي گذري، خصوصي شرڪت مرڪزي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول جوڻيجو لڳ عرضي پٽو ۾ صحافي سعيد پٽو جي ڀاءُ جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام حسين خاصخيلي جا وارثن کي رڳو آسرا ملڻ لڳا

جوابدارن کي حيدرآباد جيخاني جي عهديدار هادي بخش جتوئي جي پٺڀرائي حاصل آهي

جوابدارن بيگناهه 23 سالن جي نوجوان ڀاءُ شيراز کي گهر اڳيان گوليون هڻي قتل ڪيو: صحافي

ڪراچي (رپورٽر) عرضي پٽو ۾ صحافي سعيد پٽو جي ڀاءُ شيراز پٽو جي قاتلن کي پوليس گرفتار نه سگهي ڪراچي ۾ صحافين پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب ڪراچي جي صحافي سعيد پٽو جي ڀاءُ شيراز پٽو کي پنهنجي آبائي ڳوٺ عرضي پٽو ۾ جوابدارن ستاويهين روزي تي گهر جي دروازي تي پيستل جا فائر ڪري قتل ڪيو هو واقعي بعد جوابدار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: صحافي سعيد پٽو جي ڀاءُ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيل احتجاج جو ڏيک

ٺٽون ديرو جي سينئر صحافي خليل الله مگنيجو جي سالگره تقريب

ٺٽون ديرو (رپورٽر) ٺٽون ديرو جي سينئر صحافي خليل الله مگنيجو جي سالگرهه تقريب ميڊيا آفيس ۾ ٿي گذري جنهن ۾ صحافي خليل الله مگنيجو کي گلن جا هار پارائي ڪيڪ ڪاٽي سيني دوستن هڪ ٻي کي ڪارائي مبارڪ باد ڏني ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعائون ڏنيون. ان موقعي تي ٺٽون ديرو پريس ڪلب جي چيئرمين ضمير حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڳڙهي ياسين لڳ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو، پوليس جو پيرو ڌوهارين ماري وڌو

ڳوٺ اگڻ جعفري ۾ رتوديرو پوليس ۽ گولو دڙو پوليس پيري ساڻ ڪري ڪارروائي ڪئي

سرڪاري پيرو بولو بروهي جو پٽ سڪندر بروهي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو

ويل پيرو سڪندر بروهي جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ڳڙهي ياسين پهچايو ويو

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين لڳ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو فائرنگ، پوليس جو پيرو سڪندر بروهي ڌوهارين ماري وڌو، ڳڙهي ياسين تعلقي جي جي ڪچي واري علائقي پوليس اسٽيشن گولو دڙو جي حد ڳوٺ اگڻ جعفري ۾ رتوديرو پوليس ۽ گولو دڙو پوليس پيري ساڻ ڪري پوليس ٿاڻي وارث ڏنو ماڇي لڳ جوکي تي هٿيارٻندن جي ٿيل فائرنگ جنهن جي نتيجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند علي آباد پرسان انڊس هاءِ وي تي ٻن ٽرڪن ۾ ٽڪر، هڪ فوت، 5 زخمي

انڊس هاءِ وي تي خراب بيٺل ٽرڪ سان پويان کان ايندڙ تيز رفتار ٽرڪ ٽڪرائجي وئي

تسليم پٽو زخمي ٿي پيا فوتي ڊرائيور جو لاش هڪ ڪلاڪ تائين ٽرڪ ۾ ڦاٿل رهيو

مانجهند (رپورٽ) علي آباد پرسان انڊس هاءِ وي تي ٻن ٽرڪن ۾ ٽڪر هڪ فوت 5 زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب علي آباد پرسان ڳوٺ فقيرداد ڪوسو وٽ انڊس هاءِ وي تي خراب بيٺل ٽرڪ سان پويان کان ايندڙ تيز رفتار ٽرڪ ٽڪرائجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي ۾ ڪياماڙي جي حاجي ابراهيم ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

حاجي ابراهيم ڳوٺ جي رهواسين ، عورتن ، ٻارن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڳوٺ جي زمين مٿان قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪياماڙي جي حاجي ابراهيم ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪياماڙيءَ جي حاجي ابراهيم ڳوٺ جي رهواسين ، عورتن ، ٻارن ۽ ٻڍن انڊس پريس ڪلب ڪراچي اڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي: ڪياماڙي جي حاجي ابراهيم ڳوٺ واسي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ ايسوسي ايشن آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز جي اڳواڻ پاران پارا چنار واقعي تي افسوس

ڳنتي ۽ افسوس جي ڳالهه آهي ته سڄي ملڪ ۾ استادن کي نشانو بڻايو پيو وڃي: روبينا ڪياني

ڪنهن به ملڪ ۾ گهرو ويڙهه جي صورت ۾ به استادن جون جانيون بچائڻ اولين فرض آهي: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) روبينا ڪياني پارا چنار ۾ اٺ استادن جون جانيون ضايع ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪندي مذمت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو، 2 ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

ڌوهارين جي سڃاڻپ امداد جتوئي ۽ ممتاز پنهور طور ٿي آهي: سکر پوليس

هٿياربندن سان مبينا مقابلي دوران ڌوهاري گوليون لڳڻ سبب 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا

سکر رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو 2 ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا ويا جن جي سڃاڻپ امداد جتوئي ۽ ممتاز پنهور طور ٿي زخمين کي طبي امداد لاءِ سکر سول اسپتال داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ملير ۾ مبينا طور اغوا ٿيل هندو ناري جيا ڏي هري بازياب عدالت ۾ پيش

دريا آباد مان گم ٿيل هندو ناري جيا هري مهيشوري جي گمشدگي جو نوٽيس

ڪرشن لال منگل مهيشوري ڪشور مهيشوري ۽ شام لال ٿاڻي تي پهچي ويا

ڪراچي (رپورٽر) مهيشوري ايڪشن جي ڪوشش ڪلري ٿاڻي جي حدلياري مان مبينا طور اغوا ٿيل هندو ناري جيا ڏي هري بازياب عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: اغوا بعد بازياب ڪرايل نينگري جيا ٿاڻي تي ويٺل آهي

ڪارڪن هر گهر ۽ هر فرد تائين پهچي جماعت اسلامي جو پيغام پهچائين: زبير حفيظ شيخ

جماعت اسلامي سکر جي امير زبير حفيظ شيخ ڪئي، اجلاس ۾ گذريل مهيني جون رپورٽون پيش

امير سراج الحق اليڪشن ڪميشن ۽ سمورين سياسي پارٽين سان رابطي ۾ آهي: زبير حفيظ شيخ

سکر رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي سکر جي امير زبير حفيظ شيخ چيو آهي ته گهر گهر مهم ۾ ڪارڪن هر گهر ۽ هر فرد تائين پهچي جماعت اسلامي جو پيغام پهچائين. تفصيل موجب جماعت اسلامي سکر جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ملير بن قاسم جي علائقي عبدالله ڳوٺ ۾ مينگل پبلڪ اسڪول طرفان تقريب

قرآن شريف جي تلاوت سان پروگرام جو آغاز ڪيو ويو پروگرام ۾ شاگردن ٽيبلو پيش ڪيا

ايڊمنسٽريٽر اسڪول محمد عامر ثاني اختر حسين ثاني نظير حسين لڪ قاري قاسم يوسف زئي شريڪ

ڪراچي (رپورٽر) ملير بن قاسم جي علائقي عبدالله ڳوٺ ۾ مينگل پبلڪ اسڪول جي طرفان ساليانو تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب قرآن شريف جي تلاوت سان پروگرام جو آغاز ڪيو ويو پروگرام ۾ شاگردن ٽيبلو پيش ڪيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: عبدالله ڳوٺ ۾ نجي اسڪول ۾ ڪرايل تقريب جو ڏيک

فيض الاهي اسڪول پرسان پٽ جي ڳالهه تان مگسي ۽ ڪمبوهه برادري ۾ جهيڙو

گهر جي پٽ جي معاملي تان مگسي ۽ ڪمبوهه برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

خليل ڪمبوهه، جليل ڪمبوهه، شاهزيب ڪمبوهه، شاهنواز مگسي، جبل مگسي زخمي

شهدادڪوٽ (د ر) فيض الاهي اسڪول پرسان پٽ جي ڳالهه تان مگسي ۽ ڪمبوهه برادري ۾ جهيڙو لٺين سوٽن جي آزادانه استعمال ۾ ٻنهي ڌرين جا 5 ڄڻا زخمي، اين سي داخل، شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض الاهي اسڪول پرسان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڊويزن پوليس جو مختلف ٽائون سان امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ گڏيل آپريشن

ايس پي ظفر صديق ڇهانگا جي اڳواڻي ۾ ڊالميا جي علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو ويو

ايسٽ پوليس ليڊيز سرچ آفيسرن سان گڏ مشڪوڪ گهرن کي به چيڪ ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) گلشن ڊويزن پوليس جو مختلف ٽائون سان گڏ ڪيل امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ گڏيل آپريشن ڪيو ويو گلشن اقبال ڊويزن پوليس جي ايس پي ظفر صديق ڇهانگا جي اڳواڻي ۾ ڊالميا جي علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

اڪري جوڳي پرسان ڳوٺ حسين پاتو واسي معذور پيرسن پاران احتجاجي مظاهرو

معذور پيرسن محمد شهمير پريس ڪلب اڪري پهچي دانهيندي احتجاجي مظاهرو

تذليل جو نشانو بڻائڻ بعد مونتمار ڌمڪيون ڏيئي مليل ملڪيت ڦٻائڻ چاهين ٿا: پيرسن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) موروثي ملڪيت تي سوٽن جي قبضي ۽ ڌمڪين خلاف روهڙي جي رهواسي ريٽائرڊ پوليس جمعدار جو احتجاج نوٽيس وٺڻ جي گهر ان سلسلي ۾ روهڙي لڳ جهانگڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ وريو ڪٽبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر: ريٽائرڊ پوليس اهلڪار ملڪيت تي قبضي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ايم ڊي سيڊا پريتم ۽ سيڊا ڊائريڪٽر خورشيد کوکر خلاف هارين پاران احتجاج

عبدالمجيد لاکو صدر ايوان زراعت تعلقه گهوٽڪي ۽ خادم حسين چاچڙ احتجاج ڪيو

گهوٽڪي ۾ واهن جي کپن جي کٽائي جو ڪم رکجي نه سگهيو: عبدالمجيد لاکو

ڪنهن به وقت ڏنگڙي واهه جي ٻنهي طرفن کان گهاري پوڻ جو تمام وڏو خدشو آهي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ايم ڊي سيڊا پريتم ۽ سيڊا ڊائريڪٽر خورشيد کوکر ڊي سي گهوٽڪي خلاف عبدالمجيد لاکو صدر ايوان زراعت تعلقه گهوٽڪي ۽ خادم حسين چاچڙ جنرل سيڪريٽري ايوان زراعت تعلقه گهوٽڪي ، گذريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گهوٽڪي: واهن جي کپن تان سرعام مٽي کڻي رڪرو ڪئي پئي وڃي

ماتلي جي نوجوان اشوڪ ٺاڪر جي ٻن مهينن کان گم ٿيڻ وارو معاملو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي جي نوجوان اشوڪ ٺاڪر جي ٻن مهينن کان گم ٿيڻ وارو معاملو ڪيس ۾ نامزد جوابدار ٽاليپارو پوليس آفيسر جا ويجها مائٽ ٻڌايا پيا وڃن جنهن ڪري مغوي جي ان ڪائونٽر زريعي مارجڻ جو انديشو پڻ ڏيکاريو ويو آهي اهڙي درخواست مغوي جي والد پاران سندس وڪيل ايڊووڪيٽ مير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين ۾ پاڻي ڪوٽ ختم نه ٿي آبادگارن جي اجلاس ۾ تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

پاڻي نه هجڻ سبب ماڻهو ميلن جا ميل پنڌ ڪري هينڊ پمپن تان پاڻي ڀرڻ تي مجبور

محمد نواز شيخ عبدالصمد ڪوسو وهاب پنهاڻ عدنان قائمخاني ۽ ٻين آبادگارن شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پاڻي ڪوٽ ختم نه ٿي آبادگارن جي اجلاس ۾ مرحليوار تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان تفصيل موجب بدين ضلع جي زرعي معيشت ۾ مک ڪردار ادا ڪندڙ اڪرم واهه ڊويزن جي ٽن سب ڊويزنن ڪڍڻ قاضيا ۽ شادي سب ڊويزنن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم نه ٿي پيئڻ لاءِ پاڻي نه هجڻ سبب ماڻهو ميلن جا ميل پنڌ ڪري هينڊ پمپن تان پاڻي ڀرڻ تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي لينڊ مافيا خلاف احتجاج ڪرڻ ڏوهه بڻجي ويو، معذور نوجوان گرفتار

پوليس لينڊ مافيا جي افضال باجوه جي چوڻ تي معذور غلام مرتضا راهيجو کي گرفتار ڪيو

جوابدار غريبن جا پلاٽ ۽ گهر پوليس جي مدد سان خالي ڪرائي قبضا ڪري وڪرو ڪندا آهن: پورهيت

غلام مرتضا کي فوري آزاد ڪرايو وڃي ۽ احسن آباد ۾ قبضا خور گينگ خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) لينڊ مافيا خلاف احتجاج ڪرڻ ڏوهه بڻجي ويو سائٽ سپرهائي وي پوليس لينڊ مافيا جي افضال باجوه جي چوڻ تي ننگن کان معذور غلام مرتضا راهيجو کي گرفتار ڪري ورتو تفصيل موجب ڪراچي احسن آباد ۾ منظر پنجابي لابي جا لينڊ گريبر جيڪي ڪيئي سالن کان غريبن جا پلاٽ ۽ گهر پوليس جي مدد سان خالي ڪرائي قبضا ڪري وڪرو ڪندا آهن ڪجھ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي: لينڊ مافيا خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين پاران پروگرام

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين پاران اسڪول ۾ استادن لاءِ پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ تازو ئي ميٽرڪ پاس شاگردن ۽ شاگرديائين کي پڙهائيندڙ استادن جي مان ۾ دعوت رکي وئي جنهن ۾ استادن کي اجرڪن جا تحفا ۽ سندن کي مان ڏنو شاگردن ۽ شاگرديائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايس يو پي ڪارڪنن جو شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج، نعريبازي

چورين جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ واقعن خلاف حاڪم مستوئي، الله داد خشڪ پاران ريلي

ڪوٽوموٽو چوڪ تي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جا جهنڊا کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهر ۾ وڌندڙ امن امان جي خراب صورتحال جو نوٽيس وٺي امن قائم ڪرايو وڃي: مظاهرين

شهدادڪوٽ (رپورٽر) ايس يو پي ڪارڪنن جو شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج، نعريبازي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي شهر ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرن، چورين جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ واقعن خلاف حاڪم مستوئي، الله داد خشڪ، رميز ٽونيو، رستم سومرو، نور مگسي، ذوالفقار سيلرو، فياض ميرجت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪوٽوموٽو چوڪ تي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ ترقي پسند پارٽي چيئرمين قادر مگسي پروفيسر اجمل ساوند جي گهر پهچي ويو

قادر مگسي پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي ڀاءُ سان گهر پهچي تعزيت ڪئي ۽ معلومات ورتي

ڪنڌڪوٽ ڪشمور وارن علائقن ۾ ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي نٿا وڃي سگهن: قادر مگسي

وڏو وزير چاهي ته هڪ ڏينهن ۾ قاتل گرفتار ٿي سگهن ٿا وڏو وزير ائين چئي رهيو هو جڻ ڪيس جي خبر ئي ناهي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي اجمل ساوند جي وارثن سان تعزيت لاءِ سکر جي رهائش گاهه پهچي ويو دعا گهري اجمل ساوند جو قتل شعور جو قتل آهي اجمل ساوند نفيس انسان هو ڊاڪٽر قادر / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر: ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ميرپور ساڪرو لڳ ڳوٺ علي محمد ملاح جي رهواسي نينگر کي نانگ ڪکي ڇڏيو

ٺٽو (بر) گذريل رات دير سان ميرپور ساڪرو لڳ ڳوٺ علي محمد ملاح جي رهواسي 12 سالا نينگر اصغر ولد ناظم ملاح کي نانگ ڏنگي وڌو، جنهن کي ميرپور ساڪرو جي شيخ زيد اسپتال آندو ويو، جتي نانگ جي ويڪسين نه هئڻ سبب ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر اصغر کي ڪراچي ريفر ڪيو. جنهن ۾ وارثن پاران 1122 تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ور شهر ۾ گهوٽ نديم پٽ خداڏنو گرماڻي جي شادي جي تقريب ۾ پيرسن مارجي ويو

گرماڻي ۽ بروهي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل محمد حسن گرماڻي جي گهر ۾ ڪهرام متل

شهر جي مشهور واپاري محمد رمضان بروهي، سندس هڪ ڀاءُ ۽ ٻن پٽن کي گرفتاري ڪري ورتو

پ پ اڳواڻ عبدالحميد پنهور، جسقم اڳواڻ غلام نبي ڪٽي، شاهنواز لوهار، حسن علي زنگياڻي پهتا

ٺٽو (در) ور شهر ۾ گهوٽ نديم پٽ خداڏنو گرماڻي جي شادي جي تقريب ۾ گرماڻي ۽ بروهي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل پيرسن محمد حسن گرماڻي جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي، پيرسن کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ گهوڙاباري پوليس ور شهر جي مشهور واپاري محمد رمضان بروهي، سندس هڪ ڀاءُ ۽ ٻن پٽن کي گرفتاري ڪري ورتو آهي، شادي جي خوشي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسان کي ايندڙ مون سون جي برسات لاءِ تيار رهڻ گهرجي: امداد حسين صديقي

پمپنگ اسٽيشنن کي ڪم جي حالت ۾ رکيو وڃي ضروري مرمت جو ڪم مڪمل ڪيو وڃي

ڊيمن جي مرمتي ڪم کي مڪمل ڪيو وڃي ۽ اتي ضروري مشينري ۽ ٻيا ضروري انتظام ڪيا وڃن

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مهدي ملوف، سيد عمار حسين، ايريگيشن کاتي روهڙي ڊويزن جي ايڪسين شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊائريڪٽر آپريشنز پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي امداد حسين صديقي چيو آهي ته اسان کي ايندڙ مون سون جي برسات لاءِ تيار رهڻ گهرجي، هو اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ضلعي ۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ جوڙيل ڪميٽي جي سڏيل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو نوشهروفيروز هن چيو ته آبپاشي کاتي جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ديهه رائين جي ڳوٺ الهرکيو جت جي رهواسين پاران احتجاج

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ديهه رائين جي ڳوٺ الهرکيو جت لڳ قائم ٽرڪ آئيل گئس فيلڊ جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽرڪ گئس آئل فيلڊ جي مين گيٽ ٻاهران سماجي اڳواڻ محمد صاليح جت ` محمديوسف جت` غلام مصطفيٰ جت `غلام رسول جت `گلاب جت جي اڳواڻي ۾ احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ۽ ريجنل اليڪشن ڪمشنر ٺٽو پاران سينٽرز جو دورو

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر عذره مهيسر اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ڪيٽي بندر پاران دورا

ٽرانسپورٽ ۽ عملي جي ترسيل ۽ ٻين انتظامن جو معائنو ڪيو ۽ تمام تر صورتحال جو جائزو ورتو

مختلف پولنگ اسٽيشنن جو دورو ڪري سيڪيورٽي سميت ٻين سمورن معاملن جو جائزو پڻ ورتو

ٺٽو جاويد لطيف ميمڻ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ۽ ريجنل اليڪشن ڪمشنر ٺٽو ڊويزن عبدالرحمان آرائين، ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو ، ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر عذره مهيسر اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ڪيٽي بندر ۽ ميرپور ساڪرو ايٽ گهارو آفيس ڊسپيچ سينٽرز جو دورو ڪري اليڪشن ميٽيريل ،ٽرانسپورٽ ۽ عملي جي ترسيل ۽ ٻين انتظامن جو معائنو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 07 مئي 2023 ع

ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جون وڌندڙ ڪارروايون

پنهنجي ملڪ کي ٻين جي مفادن جي جنگ جي ميدان بڻائڻ ۽ ٻين جي مفادن جي جنگ وڙهڻ جو نتيجو اهو سامهون آيو آهي ته هتي دهشتگرديءَ جي ڊائنڻ مستقل مسڪن ناهي ويهي رهي آهي. ۽ روز قوم جا ٻچا ڳڙڪائي رهي آهي. باهه ۽ بارود جي راند کيڏي رهي آهي. دهشتگردن تي ڪنهن به آپريشن جو اثر ان ڪري به نٿو ٿئي، جو هتي دهشتگردن جون نرسريون موجود هجڻ جي ڳالهه کي رد نٿو ڪري سگهجي. سوويت يونين کي مات ڏيڻ لاءِ افغانستان ۾ پرڏيهي پئسي سان جيڪي "وار لارڊز" پيدا ڪيا ويا هئا. سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ به انهن "وار لارڊز" جي "مجرم سپاهه" مسلسل جنگ جي حالت ۾ آهي. توڙي جو انهن خلاف نون نون نالن سان آپريشن به ڪيا ويا آهن. پر اهي اهڙا ته 'ٺڊو' آهن، جو انهن تي ڪو به اثر نٿو ٿئي. دهشتگردن جي چيلهه ڀڃڻ وارا بيان هاڻي ان ڪري به ويساهه وڃائي چڪا آهن، جو دهشتگرد هر نئين ڏينهن سيڪيورٽي فورسز، ٿاڻن ۽ حساس هنڌن تي حملا ڪري سرڪاري بيان تان ڇٽ ڪري ٿا وڃن. ڪي پي ڪي ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا وڌي ويا آهن. دهشتگرد ايترا ته منظم آهن، جو فورسز جي آپريشن دوران به گهڻو نقصان پهچائي رهيا آهن. تازو خيبر پختونخوا ۾ آپريشن ۽ مختلف حملن ۾ سيڪيورٽي فورسز جا 14 جوان شهيد ٿي ويا آهن، ته دهشتگردن جي مارجي وڃڻ جون پڻ خبرون رپورٽ ٿيون آهن.

اسان جي لاءِ دنيا ۾ اها چوڻي مشهور آهي ته هن ملڪ جا حڪمران صرف هڪ "فون ڪال" جو خرچ آهي، جيڪا ڳالهه به غلط ان ڪري نٿي چئي سگهجي، جو اسان جي ملڪ جي هڪ سپهه سالار/صدر هڪ "فون ڪال" تي دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ هن ملڪ کي آمريڪي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو هو. ان جنگ ۾ پاڪستان جو تمام گهڻو نقصان ٿيو. خوف ۽ غيريقينيءَ جو طوفان آيو، پر اهو ته هو عوام لاءِ. جڏهن ته هن ملڪ جي حڪمرانن تي ڊالرن جو مينهن وسندو رهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو دهشتگردي هتي پاڙون پختيون ڪري ويٺي آهي. "سٺا ۽ خراب" طالبان جا عجيب اصطلاح متعارف ڪرايا ويا. پي ٽي آءِ جي وفاق ۾ حڪومت دوران افغانستان مان دهشتگردن کي هتي اچڻ جي ڇوٽ ڏني وئي. جنهن کان پوءِ سوات جي وادي ۽ ٻيا جابلو علائقا انهن والاري ورتا. رهواسين جي ڏکهي احتجاج کان پوءِ وڃي جان ڇٽي. هتي اهو ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي ته غلط حڪومتي پاليسين سبب دهشتگردن کي سازگار ماحول فراهم ٿيندو رهيو آهي ۽ هاڻي اسان کي پنهنجوئي ملڪ فتح ڪرڻ جي ڪرت تي لڳايو ويو آهي ۽ ملڪي وسيلا ملڪ جي ترقي، عوام جي حالت ۾ بهتري آڻڻ بدران دهشتگردن خلاف ويڙهه تي خرچ ٿي رهيا آهن. دهشتگردن کي راهداري ڏيڻ ۽ هڪ وڏي "ڪتاب" کي ڪروڙن جي امداد ڏيڻ جي پلاڪا جاچ ٿي سگهندي ۽ فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي؟ اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، دهشتگرديءَ خلاف جنگ صرف هٿيارن سان نه پر عوام جي حمايت، ساٿ ۽ سهڪار سان کٽي سگهجي ٿي. هيستائين جيڪي به آپريشن ٿيا آهن، انهن ۾ ان اهم ڳالهه کي نظرانداز ڪيو ويو آهي.

دهشتگرد هاڻي ملڪ جي ڪنهن هڪ حصي تائين محدود نه رهيا آهن. اهو سرطان هن ملڪ جي سڄي وجود ۾ سرايت ڪري ويو آهي. وزيرستان کان ڪراچيءَ تائين انهن جي موجودگيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. انهن خلاف پوري سگهه ۽ وسيلن سان ويڙهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪي جتي ڪي پي ڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز تي حملا ڪن ٿا ته ڪراچيءَ ۾ اتي جي پوليس چيف جي آفيس تي به قبضو ڪري ٿا وٺن. دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ اهو ضروري آهي ته ملڪ مان دهشتگردن جون نرسريون ختم ڪيون وڃن. ماضيءَ ۾ دهشتگردن سان ڳالهين جي نالي ۾ انهن کي سهولتڪاريءَ ۽ حمايت جي آڪسيجن مهيا ڪندڙن خلاف جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ انهن کي بي نقاب ڪيو وڃي.

هو جو وڇڙيا ويراڳي سي ڪيئن جهلجن

اصغر ميراسي

اڄ جڏهن قلم کڻي سنڌ ڌرتي جي دادلي پٽ محمد مراد چانڊيو جي سالگرهه جي ڏهاڙي تي مون لکڻ شروع ڪيو ته منهنجي ذهن ۾ سنڌ جي انهن جوڌن پٽن جو سمورو پسمظر اڀري آيو. سنڌ ڌرتي زرخيز هجڻ ڪري سدائين حملي آور لشڪرن جي گهوڙن جي سنبن هيٺيان لتاڙبي رهي آهي. پر تاريخ جي اها به حقيقت آهي ته، ان زخمي سنڌ پنهنجي سيند مان رت وهائيندي به زخمي ماءُ هجڻ باوجود اهڙن انمول هيرن کي جنم ڏنو آهي، جن ارغون ترخان ۽ مغلن کي ترڙي ڌرتي ماءُ جي ڳچي مان غلامي جا ڳٽ لاٿا آهن. ان سنڌ جي بهادر جوڌن پٽن مان محمد مراد چانڊيو به هڪ هيو استاد بخاري جي هن شعر جيئن

آسهڻو موت ڀلو ڪنهن ڪوجهي جيون کان
هڪ زنده گيت ڀلو سئو مئلن بيتن کان.
دل عشق اجهل چونديو سوداءِ ڇڏي سارا،
هڪ سورهيه يار ڀلو سئو ڏڃڻن سڄڻن کان.

محمد مراد جنهن وارهه جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ نهال ٿنيو ۾ سياسي ورڪر محمد صلاح چانڊيو جي گهر ۾ 6/5/1973 تي جنم ورتو محمد مراد هوش مس سنڀاليو ته ضياءَ مارشلا جو دور هيو سنڌ جي هر شهر، ڳهٽي، وستي، واهڻ ۾ لانگ بوٽن جا کڙڪاٽ هيا. جتي حق جو آواز بلند ڪرڻ وڏو گناهه هيو ان دور ۾ محمد مراد پنهنجي چاچي حريف خان چانڊيو جو هٿ پڪڙيان وقت جي انقلاب جي سڃاڻپ رکندڙ اڄ جي فاضل راهو ڄونڪ تي ان ضياءَ مارشلا جابر جنرل جي خلاف نعرا بلند ڪيا. اهو محمد مراد جنهن سچائي جو دامن پڪڙي اخلاق کي پنهنجو زيور سمجهي نئون سماج اڏڻ لاءِ ان دوستن جي چونڊ ڪئي جيڪي سنڌس سياست جي ڏکين پيچرن تي ساٿي بڻجي هليا. ان دور ۾ سياست ڪرڻ عوام جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ جڻ ته ڪبيرا گناهه هيو ان دور ۾ محمد مراد چانڊيو عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم سجاڳ ٻار تحريڪ سان جڙي سياست جي شروعات ڪئي ۽ هن ظلم جبر ڏاڍا خلاف سگهارو آواز بڻجي ڄونڪن چوراهن تي ضياءَ مارشلا کي للڪاريندو رهيو ان ئي دور ۾ ڪجهه نسل پرست ماڻهن "بي ايس او" جو يونٽ کولي نسل پرستي کي فروخت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته محمد مراد چانڊيو ساٿين سان گڏجي ان گروهه کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ چيو ته سر زمين سنڌ محبت پيار پنهنجائپ جي ڌرتي آهي هتي نسل پرستي جي نالي سياست ڪرڻ هرگز نه ڏينداسين جنهن تي ان گروهه محمد مراد ۽ ان جي ساٿين تي حملو ڪري سنڌن کي زخمي ڪيو ۽ زخمي حالت ۾ محمد مراد اصول تي بيهي نسل پرست گروهه سان وڙهيو جنهن کان پوءِ ان گروهه کي "بي ايس او" جو يونٽ جي جرئت ئي نه ٿي. اهڙا ئي ماڻهون تاريخ امر ٿين ٿا. اها هڪ حقيقت آهن ته جن ماڻهن سنڌ ڌرتي ماءُ سمجهي تحفظ ڪيو آهي سنڌ ماءُ به انهن جوڌن پٽن کي مان مرتبو بخشو آهي. ان جو مثال محمد مراد جي وفات آهي ويجهي تاريخ ۾ شايد ٿيو هجي ته محمد مراد جي جنازي ۾ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان پهتلن سياسي سماجي عالم دانشورن جي اڪ آلي هئي محلي توڙي شهر جي گهٽين ۾ هار سياسي سماجي مذهبي ڌرين جا اڳواڻ به روئيندي نظر آيا هڪ پٺي کي اهو جئي سڏڪا پئي پريا ته هي عمر محمد مراد جي وڃڻ جي نه هئي، چا اهڙو سياسي اڳواڻ وارهه ۾ هيو نوجوان پٺيندا ٿيندو جيڪو سڀني کي پيار ڏي عزت ڏي يا گڏ کڻي هلي. هو ته شهر جي مڙني مسئلن تي سڀني کان اڳ پرو رهيو هو ته ڪڏهن به ڪنهن سان منهن ۾ گهنج وجهي نه ڳالهائيندو هيو مراد شهر اندر محبتن جا وڻ پوکيي ۽ پنهنجائپ جي ڇانو ڀيندا ڪئي. اهو ئي سبب آهي ته محمد مراد جڏهن ڪنهن هوٽل يا ڄونڪ تي ويهندو هيو ته چاهندڙ سنڌس وٽ ٽولن جي صورت ۾ پهچي ويندا هئا. ان جو سبب محمد جي سچائي ايمانداري ۽ بردباري جي پوک

پوکيل هئي ان ڪري ئي محمد مراد جو وارهه شهر يا آس پاس سميت سموري سنڌ ۾ مان مرتبو هيو ايتري قدر جو محمد مراد کي سموري سنڌ سڃاڻيندي هئي هوائين محمد مراد پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جو تعلقه صدر هيو. محمد مراد 1993 ۾ ميرمرتضيٰ ڀٽو جي جلاوطني ختم ڪري پاڪستان اچڻ بعد پنهنجي چاچي حريف خان چانڊيو سان پ پ شهيد ڀٽو ۾ شموليت اختيار ڪئي. جنهن کان پوءِ ميرمرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس اولاد سان ايترو ته پيار ٿي ويس جو مير تي يا ان جي اولاد تي هڪ لفظ به برداش نه ڪندو هيو جيڪڏهن ڪنهن محفل ۾ سياسي بحث مباحثي ۾ تنقيد ڪندو هيو ته محمد مراد برداش نه ڪندو هيو ايتري قدر جو ڪاوڙجي پوندي هو ڪڏهن ڪڏهن سندن سان چڙي به پوندو هو يا ڪچهري مان اٿي هليو ويندو هو پر محمد مراد ۾ اها به خاصيت هوندي ته جنهن سان مير جي اولاد تي تنقيد ڪرڻ وقت چڙي به پوندو هيو پر وري ڪاوڙ جهڪي ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ئي ان دوست وٽ وڃي ڪنڌ ۾ ڀاڪر وجهي ڪچهري ڪندو هيو اها خوبي تمام گهٽ ماڻهن ۾ هوندي آهي ۽ چوندو هيس ته يار مون تي جيتري تنقيد ڪرڻي اٿئي ته ڪر پر منهنجي محبوب قائد شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ ان جي اولاد تي تنقيد نه ڪيو چوته اهي هڪ ته سياست تڪا ڪن نئي وري حڪمران رهيا آهن جو ڪنهن جو حق لٽيو هجن اها اجائي تنقيد مونکان برداش نٿو ٿئي. آءُ اوهان لاءِ حاضر آهيان. محمد مراد جي ڪچهري جو محور شهيد ڀٽو. عوامي حق ۽ سنڌ هوندي هئي جئين چوندا آهن ته مسلمان جي ڪچهري ۾ رسول ڪريم جو ذڪر نه نڪتو ته اها ڪچهري حرام آ اٿين ئي محمد مراد جي ڪچهري ۾ مير ۽ سنڌس اولاد پ پ شهيد ڀٽو ۽ سنڌ جو ذڪر نه نڪتو ته محمد مراد لاءِ اها ڪچهري جڻ حرام هوندي هئي. محمد مراد جي زندگي بابت ناٿرائن ڪالمن تي مشتمل آدرشي مخلص انسان ڇپيل ڪتاب ۾ محمد مراد جي والد محمد صلاح ذڪر ڪيو آهي ته هڪ ڏينهن آءُ ۽ حريف خان محمد مراد سان گهر اندر ڪچهري ڪري رهيا هياسين ته مون محمد مراد کي چيو پ پ شهيد ڀٽو ۾ چا رکيو آهي. تعلقي صدر هجڻ ناتي ايتري تو سرگرمي ڪري روز احتجاج مظاهرا بحث مباحثا پنهنجا تعلقات ٿو خراب ڪري جيڪڏهن ڪو ڪيس وغير داخل ٿي ويئي ته پارٽي وارو پڇڻ به نه ايندئي ٻيبي فاطمه يا جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو به سياست نه پيا ڪن نه وري دور دور تائين انهن جي سياست ڪرڻ نظر نٿي اچي. حريف خان خاموش ٿي ويلي ڏٺو پڏو. پر محمد مراد چڙي پيو اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس چيائين مونکي نه روڪيو جيڪڏهن مون مان تنگ ٿيا آهيو ته آءُ اوهان جو گهر ڇڏي ويندس پر مير ۽ ان جي اولاد سان بي وفائي نه ڪندس جڏهن اهو لفظ نڪتس ته ساهه جي آخري دم تائين انهن جو آهيان ته آءُ پنهنجي موبي پٽ جا اهي لفظ ٻڌي پريشان ٿي ويس خاموشي اختيار ڪري ويس. محمد مراد جو پ پ شهيد ڀٽو سان بي انتهاءُ پيار هيو هو سچي ورڪر سان گڏ بهادر بردبار اڳواڻ هيو اها هڪ حقيقت آهي شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ گهٽي ۾ گهٽا احتجاجي ريليون. ڌرڻا مظاهرا وارهه ٿيا آهن ان جو سبب محمد مراد جي محنت هئي جتي به پ پ شهيد ڀٽو جو پروگرام ٿيندو هيو ته مراد دوست تيار ڪري نڪري پوندو هيو اهو نه سوچيندو هيو ته پئسا آهن يا نه مهينو ڪئين گذريندو اهو نه سوچيندو هيو ته جن به دوستن کي پاڻ سان گڏ وٺي ٿو وڃان ته انهن وٽ ڏوڪڙ آهن به يا نه. حصو پتي ڏيندا به يا نه بس اهو چوندو هيو ڪهڙا دوست فلاڻي پروگرام لاءِ تيار ٿا ٿين پوءِ دوست نڪري پوندا هيا واپسي ۾ جنهن دوست وٽ جيترا ڏوڪڙ هوندا هيا ڏئي ڇڏيندا هيس جنهن وٽ نه هوندا هئا ته خير آ. چوڻ جو مقصد هو پارٽي سان حد کان وڌيڪ سچو هيو هڪ رات محمد هاشم ڇتو جي هوٽل تي ويٺا

هياسين ته اچانڪ فيس بڪ تي اسٽيٽس اکين اڳيان گذريس چيائين ميڊم غنويٰ ڀٽو پائو علي احمد جي پارٽي رڪنيت ختم ڪري ڇڏي آهي ته ان وقت ميڊم جي ان فيصلي تي مونکي ڏک ٿيو ۽ اکين ۾ پاڻي اچي ويو پر محمد مراد چيو خير آهي مايوس نه ٿيو اسان کهڙو پارٽي ۾ اقتدار لاءِ ڪم پيا ڪيون اسين محبت ۾ پيا هلون خير آهي محترم پارٽي مان ڪڍندي مير ۽ ان جي اولاد جي اسان جي دل مان محبت ته نٿي ڪڍي سگهي. محترم غنويٰ ڀٽو 70 ڪلفٽن تان 32 ڪارڪنن جي ميمبر شپ خارج ڪرڻ جي هڪ لسٽ تيار ڪئي جيڪا لسٽ نڪرڻ کان اڳ ظاهر ٿي وئي ان ڏينهن تي ٻيبي فاطمه ڀٽو لاڙڪاڻي المرتضيٰ هائوس آيل هئي ڪارڪنن سان ملاقاتن جو سلسلو جاري هيو جڏهن اسان محمد مراد سان گڏ ٻيبي سان ملاقات ڪئي ته محمد مراد تعارف ڪرائيندي ٻيبي کي چيو ته ميڊم غنويٰ ڀٽو هڪ لسٽ پئي جاري ڪري جنهن لسٽ ۾ منهنجو نالو شامل آهي محمد مراد جا اهي لفظ ٻيبي ٻڌندي چيو اوهان منهنجي اسپيشل لسٽ ۾ شامل آهيو اهڙا لفظ ٻڌي محمد مراد گلاب جي گل جيان ٻهڪي پيو ملاقات بعد مسڪرائيندي خوش ٿيندي چيو بس منهنجي لاءِ هي ڪافي آهي جو مير جي نياڻي مونکي چوي منهنجي اسپيشل لسٽ ۾ آهيو مراد نه ڪيو نه جهڪيو پٺائي جي هن شعر وانگر ته

اي نه مارن ريت جو سيڻ متائين سون تي
اڇي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪان ڪُريت
پکن جي پريت ماڙين سين نه متيان

مير ۽ سنڌس اولاد سان بي انتهاءُ پيار ڪندڙ اڄ اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو پر هن جو ڏنل پيار محبت سنڌس جي ڪيل اڳوائي اڄ به ياد آهي رهندي چوته هن اهڙو پيار ڏنو ۽ زندگي گذاري جو ڏاڻ سيکاريو جيڪو نٿو وسري سگهي محمد مراد جنهن سان به هڪ ڀيرو ڪچهري ڪندو هيو اهو سنڌس جو مريد بڻجي ويندو هيو محمد مراد به سنڌس سان ساٿ نڀائڻ جو وچن ورجائيندو هو هفتي ۾ هڪ ڀيرا فون تي سنڌس سان رابطو ضرور ڪندو هيو اهڙي پيار ڏيڻ عيوض اڄ به دوست پارٽي ڪارڪن سنڌس جون سارون ساري اکين ۾ آب آڻي رهيا آهن اڄ محمد مراد جي جنم ڏهاڙو آهي خوشي سان گڏ اهو دلي ڏک آ ته هي عمر محمد مراد جي وڃڻ جي نه هئي

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئن ٽورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجهه ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا

چار ڏينهن اڳ المرتضيٰ هائوس ۾ ٻيبي فاطمه ڀٽو کي شادي مبارڪ ڏيڻ بعد محمد مراد جي زندگي بابت " آدرشي مخلص انسان " ڪتاب ڏنو ۽ جڏهن ٻيبي کي اهو چيو ته هي ان شخص جي زندگي بابت ڪتاب اوهان کي تحفي طور ڏيان پيو جنهن کي اوهان چيو هيو ته محمد مراد اوهان منهنجي اسپيشل لسٽ ۾ آهيو اهي لفظ ٻيبي ٻڌي چيو اڇا محمد مراد هن دنيا ۾ ناهي رهيو.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين آديسي اٿي ويا
مڙهيون مون مارين جيڪي جيءَ کي جيئارين سي لاهوتي
لڏي ويا

سنڌس لاءِ نيڪ خواهشيون الله پاڪ سنڌس کي جنت الفردوس عطا ڪندو اچي پني تي نوٽ لکي ڏنو مونکي يقين آهي جيڪڏهن محمد مراد اڄ زنده هجي ها ۽ ٻيبي فاطمه جي شادي جي خبر پوندي شهر اندر دهل شرنائين تي پاڻ به رقص ڪري ها پنهنجي سنگت کي ان خوشي ۾ شامل ڪري ها دنيا کي ڏيکاري ها ته اسين اڄ ڪيڏا خوش آهيون. پر بدقسمتي سان هو اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو. اڄ محمد مراد جي 50هين سالگره آهي سنڌس کي ڪيل سياسي جدوجهد تي سلام پيش ڪريان ٿو

ٺڙي طبيبنِ، گهايَلُ گهران ڪَڍيو؛
ڇِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نه ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَٺِي ٺارُ ٿِيَنِ.

شنگهائي تعاون تنظيم جو اجلاس ۽ بلاول ڀٽو زرداري

عادل علي

ڀارت شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس جي ميزباني ڪري رهيو آهي جنهن ۾ پاڪستان جو موجوده پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري به شرڪت ڪري رهيو آهي. پرڏيهي وزير پاڪستان طرفان 12 سالن کانپوءِ ڀارت جو دورو ڪري رهيو آهي. شنگهائي ڪوآپريشن آرگنائيزيشن (SCO) 2001 ۾ قائم ٿي جنهن جو بنيادي مقصد علائقائي دهشتگردي ۽ مذهبي انتهاپسندي کي منهن ڏيڻ لاءِ خطي ۾ سيڪيورٽي معاملن ۾ شامل ڪيو ويو. هن تنظيم جو ڌيان خطي ۾ علائقائي امن ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ رهيو آهي. پاڪستان جيڪو گذريل حڪومت جي غير موثر پرڏيهي پاليسين سبب عالمي اڪيلائي جو شڪار ٿي چڪو هو يا ائين چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته بڻايو ويو هو! اهڙي صورتحال ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو پرڏيهي وزارت جي قلمدان سنڀالڻ هڪ انتهائي مشڪل فيصلو هو جنهن کي اندرين توڙي ٻاهرين هر محاذ تي تنقيد جو منهن ڏسڻو پيو آهي. پر پاڪستان جي پرڏيهي وزير کي هر محاذ تي قبوليت ملي رهي آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب پرڏيهي وزارت واري دور ۾ هن وقت تائين ڪيترائي اهم معاملا سامهون آيا آهن جن سان پاڪستان کي پنهنجي وڃايل ساک ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي آهي. جن ۾ ايف اي ٽي ايف جي گري لسٽ مان پاڪستان جو نڪرڻ، برطانيا پاران ٽين دنيا جي ملڪن جي لسٽ مان پاڪستان جو نڪرڻ، يورپي يونين کان واپار جي بحالي ۽ دنيا جي بدلجندڙ موسمي حالتن ڏانهن عالمي برادري جو ڌيان ڇڪائڻ شامل آهن. گذريل سال پاڪستان ۾ تباهه ڪن برساتن ۽ ٻوڏ ۾ پاڪستان کي 33 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو. بلاول ڀٽو زرداري عالمي برادري سان پاڪستان لاءِ موسمياتي انصاف جي جنگ وڙهي ۽ يقين ڏياريو ته پاڪستان وڏن ملڪن جي فضائي آلودگي جو شڪار آهي. تنهنڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان عالمي برادري موسمي اثرن سبب پيدا ٿيندڙ آفتن لاءِ فنڊ قائم ڪيو. جيڪو پاڪستان جي ڪاميابي جو ثبوت آهي. بلاول ڀٽو جي ڀارت جي دوري تي ملڪ جون ٻيون سياسي پارٽيون شور مچائي رهيون آهن. نه رڳو تازو دوري پر سياسي مخالفن پاران بلاول ڀٽو زرداري جي ٻين دورن تي به سخت تنقيد ڪئي پئي وڃي ۽ ان تنقيد جو سبب اهو به آهي ته تازو حڪومت جي دور ۾ پاڪستان نه رڳو عالمي اڪيلائي جو شڪار رهيو پر اسان جا اهم دوست ملڪن سان پڻ اسانجا لاڳاپا سٺا نه رهيا. گذريل حڪومتي دور ۾ ڀارت عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪشمير تي پابنديون لاڳو ڪيون پر ان وقت جي حڪومت ۽ پرڏيهي وزارت کي به جوڳا قدم نه کڻي سگهي. اڳوڻو وزيراعظم عمران خان جيڪو هاڻي هر مسئلي تي ناڪامي جو الزام ٻين تي مڙهيندو نظر اچي رهيو آهي ۽ هاڻ جڏهن هو حڪومت ۾ ناهي رهيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر عمران خان ۽ سندس پارٽي موجوده حڪومت تي تنقيد ۽ الزام هڻندي نظر اچي رهي آهي پر هو پنهنجي دور اقتدار ۾ نه رڳو خاموش رهيو. پر پنهنجي دور ۾ ڪشمير تي ٿيندڙ ظلمن تي خاموش رهيو پارٽي وزيراعظم سان دوستانه لاڳاپن جي خواهش پڻ رکي، جيڪو ڪشمير تي سوديبازي ڪرڻ جي برابر آهي. بلاول ڀٽو زرداري اڄ ڀارت پهچي ويو آهي. هو شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ضرور بحث ڪندو ۽ ان ڳالهه تي ضرور زور ڏيندو ته ڀارت پاران ڪشميرين تي ظلم بند ڪيو وڃي، نه رڳو ايترو پر ڪشميرين کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو آزاديءَ سان ڪرڻ جي به اجازت ڏني وڃي. جيئن ته بلاول ڀٽو زرداري هر محاذ تي پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيو آهي، جنهنڪري پاڪستان جي وڃايل ساک بحال ٿي رهي آهي ۽ دوست ملڪن سان اسان جا لاڳاپا بحال ٿي رهيا آهن. جنهن جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته عمران خان جي حڪومت پاڪستان ـ چين واپاري راهداري غير فعال ٿيڻ کانپوءِ بحاليءَ طرف وڌي رهي آهي. ساڳئي وقت پاڙيسري ملڪن سان به اسان جا لاڳاپا بهتر ٿي رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري جي پرڏيهي وزير جي طور تي هن وقت تائين جي ڪارڪردگي ۾ وڏي اميد رکي سگهجي ٿي ته پاڪستان ڪشمير جي حوالي سان جوڳي رٿابندي ۽ موقف اختيار ڪندو جنهن تي عمل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

نوشهروفيروز ۾ عدالتي حڪم تي عمل ڪندي طور چونڊون نہ ڪرائڻ خلاف احتجاج

فوري طور تي اليڪشن نہ ٿيڻ خلاف پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

حڪومت بري طرح ناڪام ٿي چڪي آهي موجوده بحران جو حل صرف چونڊن ۾ آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظورملڪ) عدالتي چونڊون نہ ڪرائڻ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38 حڪم تي عمل ڪندي ملڪ ۾ فوري طور

پي ٽي آءِ وارہ ڪارڪنن جو چيف جسٽس سان يڪجهتي طور ريلي

ڪارڪنن جو پارٽي پرچم کڻي ريلي ڪڍي تعلقہ پريس ڪلب وارہ اڳيان احتجاج

گهاٽي ٽوڙ مهانگائي جي ذميوار موجوده حڪومت بوکلاهٽ جوشڪار بڻيل آهي: مظاهرين

وارہ (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) پي ٽي آءِ وارہ يڪجهتي ۽ آئين جي بحالي ۽ مقرر مدت ۾ ڪارڪنن جو چيف جسٽس آف پاڪستان سان اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

راڻيپور ۾ شاهينگ چوڪريون دڪان مان 55 هزار چورائي فرار ٿي ويون

محب علي دريش جي ڪنفيڪشري جي دڪان تان 55 ونجاهہ هزار چورائجي ويا

ٻهريان ۾ چوڪريون آيون جن جي چيس جا بنڊل کڻي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي: محب علي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ شاهينگ چوڪريون چورائي فرار ٿي ويون رپورٽ موجب پرائي بس محب علي دريش جي دڪان مان 55 هزار اسٽينڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سجاول جوڻيجو لڳ عرضي پٽو ۾ صحافي سعيد پٽو جي پاءُ جا جوابدار گرفتار نہ ٿيا

ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام حسين خاصخيلي جا وارثن کي رڳو آسرا ملڻ لڳا

جوابدارن کي حيدرآباد جيخاني جي عهديدار هادي بخش جتوئي جي پٺڀرائي حاصل آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) سجاول جوڻيجو شيراز پٽو جي قتل ڪيس جي گهربل جوابدارن لڳ عرضي پٽو ۾ صحافي سعيد پٽو جي پاءُ کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

بقايا | سنڌيار | 39

سندرائي جي ڳوٺ فتح پور ۾ پ پ اڳواڻ مير احسان خان سندراڻي ۽ پ پ گهوٽڪي تعلقي جي صدر مير حمزه خان سندراڻي جي رهائش گاهہ تي پهچي چانڊ پارٽي ۾ شرڪت دوران ڪيو سردارزاده مير بنگل خان مهرچيو تہ پنهنجي علائقي جي سار

بقايا | سنڌيار | 34

۽ تمام تر صورتحال جو جائزو ورتو ـ ان موقعي تي هنن چيو تہ صاف، شفاف، منصفانين ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن سميت تمام ادارن جي گڏيل ذميواري آهي. هنن چيو تہ پولنگ اسٽيشنن تي عملو ۽ پولنگ جو سامان پهچائڻ واري عمل کي يقيني بڻايو ويندو. هنن چيو تہ چونڊ مواد فراهم ڪرڻ لاءِ 02 پوائنٽس قائم ڪيا ويا آهن جڏهن تہ يونين ڪائونسل بيٽ مهر ۽ ڏاهيچي ۾ ضمني مڪاني چونڊن لاءِ 19 پولنگ اسٽيشنون بہ قائم ڪيون ويون آهن تہ چونڊون پاية تڪميل تائين پهچائي سگهجن ـ بعد ۾ ضلعي رٽرننگ آفيسر ۽ ريجنل اليڪشن ڪمشنر نثو ڊويزن عبدالرحمان آرائين، ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر عذره مهيسر يونين ڪائونسل بيٽ مهر ۽ ڏاهيچي ۾ قائم مختلف پولنگ اسٽيشنن جو دورو ڪري سيڪيورٽي سميت ٻين سمورن معاملن جو جائزو پڻ ورتو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر، رٽرننگ آفيسر ۽ ٻيا واسطيدار عملدار پڻ موجود هئا ـ

بقايا | سنڌيار | 35

پوليس 20 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ڪري سگهي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام حسين خاصخيلي جا وارثن کي جوابدار ڪرڻ جا دلها آسرا جي آ تي جوڙڻ باوجود پوليس ڪجھ بہ نہ

بقايا | سنڌيار | 27

ويون مهمان خاص پاڪستان پرائيويٽ اسڪول ڪاليج جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عالم شير اعوان سرپرست اعلي رانا افضل پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ظهير احمد ميمڻ ايڊمنسٽريٽر اسڪول محمد عامر ثاني اخترحسين ثاني نظيرحسين لک قاري قاسم يوسف زئي ۽ شاگردن جي پيرنس وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مهمانن جو شاندار استقبال ڪري اجرڪون پارائي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي ايوارڊ ۽ انعامن سان نوازيو ويو

بقايا | سنڌيار | 28

دوران اهڙو واقعو پيش اچڻ ڪري ور شهر جي شهرين ۾ سخت ڏک غم جي لهر ڇانيل آهي. ٻئي طرف پيرسن محمد حسن ملاح جي پٽ قادر گرماڻي ۽ ٻين وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. تڏي تي پ پ اڳواڻ عبدالحميد پنهور، جسقم اڳواڻ غلام نبي ڪٽي، شاهنواز لوهار، حسن علي زنگياڻي، صحافي عبدالرحمان خشڪ، صحافي غلام حيدر ڪٽي، صحافي قاصر چانڊيو سميت سياسي سماجي شهرين پهچي تعزيت ڪري ڏک ونڊي مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهريون. هوڏانهن پنهي ذرين وچ ۾ ڏاهہ جون ڪوشش تيز ڪيون ويون آهن. مقتول جي پٽ قادر گرماڻي ٻڌايو تہ سنڌس پيءُ کي جهيڙي کي ٽارڻ جي ڪوشش دوران مخالف ڌر جي ماڻهن ڏک هٽي سنڌس پيءُ

بقايا | سنڌيار | 20

کيو ويو نيو پنڊ ٿاڻي جي پوليس سکر جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ گشت دوران موٽر سائيڪل سوارين هٿيار بندن سان مبينا مقابلي دوران ڌوهاري گولين لڳڻ سبب 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن جي سڃاڻپ ممتاز پنهور ۽ امداد جتوئي طور ٿي جن کان موٽر سائيڪل ۽ پستل گولين پوليس هٿ ڪيون آهن زخمين ڌوهارين جو تعلق شڪارپور ضلعي سان ٻڌايو پيو وڃي طبي امداد لاءِ زخمين گرفتار ڌوهارين کي سکر جي سول اسپتال پهچايو ويو

بقايا | سنڌيار | 21

ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد اهڙو پروگرام منعقد ڪيو ويو تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين تقريرون ۽ ٽيبلو پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو پروگرام ۾ مهمان طور صحافي واجد علي ملاح پرنسپال ياسر پبلڪ هاءِ اسڪول برانچ 2 ۽ صحافي ديدار علي شيخ شرڪت ڪئي. پروگرام جي آخر ۾ ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال غلام نبي ملاح تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ تعليم جي ميدان ۾ اسان جون خوب ڪوششون ۽ خدمتون آهن ڪيترائي پيرا هن اسڪول حيدرآباد بورڊ ۾ پوزيشنون ماڻي هڪ بهترين ادارو ثابت ٿيو آهي اسان وٽان جيڪو شاگرد، شاگرديائي پاس ٿي نڪرن ٿا اهي ضرور ڪنهن منزل تي پهچندا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ مونکي تمام گهڻي خوشي آهي جو اسان جي مستقبل جا معمار وڌيڪ تعليم لاءِ پاڻ مڃائڻ لاءِ اڳتي تعليم حاصل ڪندا منهنجون دعائون هميشہ انهن سان گڏ آهن گڏوگڏ سنڌس اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استادن جي ساراهہ ڪري سنڌس ڪيل خدمتن تي روشني وڌي ۽ خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 22

۾ پيش، تفصيل موجب ڪجهہ ڏينهن اڳ لياري جي علائقي دريا آباد مان گر ٿيل هندو ناري جيا هري مهيشوري جي گمشدگي جي خبر ملندي ئي سنڌ مهيشوري ايڪشن جا اڳواڻ ويراڳ مل ايڊووڪيٽ ڪرشن لال منگل مهيشوري ڪشور

بقايا | سنڌيار | 13

ڏينهن هڪ اهم ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ گهوٽڪي ۾ واهن جي ڪين جي کٽائي جو ڪم رڪجي تہ سگهيو روزانہ جي بنياد تي ڪروڙن جي مٽي ڪٽائي وڪرو جاري، توهان جا آبر سپ ردي جي ٺوڪري ۾ اڇلايا ويا. هڪ بہ ڪيس داخل نہ ٿيو هنن چيو تہ گهوٽڪي ضلعي جي سمورن واهن، شاخن مان واريلا ڪرڻ جي باوجود مٽيءَ جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو واهن جا ڪپر ڪمزور ٿيڻ لڳا، ڪيترائي ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو، سيڊا ڀاڙيڪٽر مٽي، ٽوٽي واهن تان وڻ ڪٽرائڻ مان اوپ پتي بڻجي وئي، ڪيترائي پيرا واريلا ڪرڻ باوجود ڪڻ جي مٽان جون، بہ نہ سرڪي، لڳي ٿو تہ هي پٽي بااثر آهن سنڌن خلاف جلد کان جلد قانوني قدم کنيو ويندو ۽ جلد اسين سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ اينٽي ڪرپشن ڪورٽ سکر ۾ پٽيشن داخل ڪبي. جيئن ذميوارن کي نقصان ڪرڻ کان روڪي سگهجي گهوٽڪي پرسان هنڊ مائنر واهہ مان غيرقانوني طور تي مبينا طور لکين روپين جي مٽي ڪٽائي وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف، اينٽيگيشن گهوٽڪي تباهي جي ور چڙهيل

بقايا | سنڌيار | 14

وٺي جنهن جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور بلوچستان جي جعفرآباد جو رهواسي 45 ورهين جو غلام رسول پٽي موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ ٻهي گاڏين ۾ سوار رانجهن پٽي احسن پٽي لاڙڪاڻو واسي زاهد حسين پٽو نجم الدين پٽو تسليم پٽو زخمي ٿي پيا فوتي ڊرائيور جو لاش هڪ ڪلاڪ تائين ٽرڪ ۾ ڦاٿل رهيو جنهن بعد خاڻوٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ڪڍي زخمين کي لمس اسپتال ڄامشورو منتقل ڪيو پوليس پنهي ٽرڪن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن تہ واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هو.

بقايا | سنڌيار | 15

بشير ٽالپر پارال سيشن ڪورٽ بدين ۾ داخل ڪئي وئي آهي جنهن جي هڏٽي دوران عدالت ماتلي پوليس تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي نوجوان اشوڪ کي 9 مئي تي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي وڪيل طرفان داخل

نيشنل فرٽيلائزر مارڪيٽنگ لميٽيڊ

NFML

گوادر، ڪراچي پورٽ، بن قاسم پورٽ ۽ وزير مينشن ڪراچي تي ريل ٽرانسپورٽيشن جي لاءِ ليبر، ٿيلي ۽ ان ٽرانزٽ سيڪيورٽي سروسز جي لاءِ ٽينڊرز گهربل آهن

نيشنل فرٽيلائزر مارڪيٽنگ لميٽيڊ (اين ايف ايم ايل) جي معاهدي تي صحيح جي تاريخ کان، عرصو ڇهہ (6) مهينا (قابل توسيع) جي لاءِ انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ڊيپارٽمينٽ ۾ رجسٽرڊ ليبر/ٿيلي ۽ ان ٽرانزٽ سيڪيورٽي سروسز ڪنيڪٽرز کان گوادر، ڪراچي پورٽ، بن قاسم پورٽ ۽ وزير مينشن ڪراچي جي لاءِ اوپن ٽينڊرز گهربل آهن. تمام ڪانٽريڪٽرز کي ٽينڊرز سان گڏ پيپرا رولز 2004 جي شق ـ 25 جي مطابق تمام سروسز جي لاءِ ڏنل ڪل ماليت جي برابر 5 فيصد پيشڪش سيڪيورٽي (قابل واپسي) بصورت ڊيمانڊ ڊرافٽ/پي آرڊر نالي اين ايف ايم ايل، 53 جيل روڊ، لاهور جمع ڪرائڻي پوندي. ڪامياب بولي ڏيندڙ کي معاهدي تي صحيح کان پهريان ڇهہ مهينن جي لاءِ، 5 فيصد پيشڪش سيڪيورٽي سان گڏ 5 فيصد اضافي رقم جيڪا معاهدي جي ڪل ماليت جو 10 فيصد (قابل واپسي) آهي. بطور پرفارمنس گارنٽي بصورت ڊيمانڊ ڊرافٽ/پي آرڊر نالي اين ايف ايم ايل، لاهور ۾ بہ جمع ڪرائڻي پوندي. هن تازي ٽينڊر جي لاءِ، اڳوڻي پيشڪش ماليت، سيڪيورٽي/پرفارمنس گارنٽي ۽ زيرالتوا ادائيگيون قابل قبول نہ هونديون. تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

سيريل نمبر	پورٽس	ٽينڊر دستاويز دستياب آهن	آڇون کولڻ جو وقت، تاريخ ۽ هنڌ
الف	گوادر، ڪراچي پورٽ، بن قاسم پورٽ ۽ وزير مينشن ڪراچي	اين ايف ايم ايل هيڊ آفيس اين ايف ايم ايل ـ 53 جيل روڊ، لاهور	اين ايف ايم ايل هيڊ آفيس اين ايف ايم ايل 53 جيل روڊ، لاهور ۾ تاريخ 25 مئي 2023 ڏينهن خميس بوقت 11:30 وڳي

ٽينڊر دستاويزن سان گڏ ڊيليوري ٽائم/شيڊيول تڪميل، اهليت جو معيار، جائزي جو معيار ۽ شرط ۽ ضابطا، اين ايف ايم ايل هيڊ آفيس واقع 53 جيل روڊ لاهور کان بعوض ادائيگي مبلغ ٽي هزار روپيا (3000 روپيا ناقابل واپسي) في سيٽ بطور ڊيمانڊ ڊرافٽ/پي آرڊر نالي NFML، تاريخ 24 مئي 2023 ڏينهن اربع بوقت 4:00 وڳي تائين. آفيس وارن ڏينهن ۾ ڪم وارن ڏينهن ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

اين ايف ايم ايل جا ملازم، ان جا وارث، ڪارٽيج ڪنٽريڪٽر، مين پاور اينڊ سيڪيورٽي ڪانٽريڪٽر ۽ ڊيلرز هن ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ جا اهل نہ آهن. تمام ٽينڊرز اين ايف ايم ايل هيڊ آفيس، 53 جيل روڊ، لاهور ۾ تاريخ 25 مئي 2023 ڏينهن خميس بوقت 11:00 وڳي تائين پهچي وڃڻ گهرجن ۽ ساڳئي ڏينهن 11:30 وڳي ڪانٽريڪٽرز يا ان جي مجاز نمائندن (جيڪي بہ ان وقت اتي موجود هجن) جي سامهون مجاز ڪميٽي جي روبرو کوليا ويندا.

نيشنل فرٽيلائيزر مارڪيٽن لميٽڊ پيپرا رولز 2004 ع جي شق (I)33 جي تحت تمام آڇن يا پروپوزلز جي منظوري کان پهريان ڪنهن بہ وقت مسترد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

هي ٽينڊر پيپرا ۽ اين ايف ايم ايل جي ويب سائيٽ تي بہ دستياب آهي

NFC

اسسٽنٽ منيجر (ڪمرشل)
نيشنل فرٽيلائيزر مارڪيٽنگ لميٽڊ

53ـ جيل روڊ لاهور.
فون: 042_99205674
ويب سائيٽ
www.nfml.com.pk

STATE ENTERPRISE
Ministry of Industries & Production
Government of Pakistan

PID(L) NO.3188

نيشنل سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪمپني

(منسٽري آف فنانس گورنمينٽ آف پاڪستان)

تصحيح/ضميمو

15.04.2023 تي روزاني "بزنس رڪارڊر" ۽ "جنگ" ۾ ريفرنس ٽينڊر جو اشتهار ظاهر ٿيو. (PID K NO. 2954/22)

هيٺين ٽينڊر لاءِ ٽينڊر کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي 23.05.2023 تي کوليو ويندو.

N_LP/T_322/23. پرسنلائزڊ ڊيول انٽرفيس اِي ايم وي اي ٽي ايم ڊيبٽ ڪارڊز.

ٽينڊرز جا ٻيا شرط ۽ شرط ساڳيا رهندا.

ڊپٽي جنرل مينيجر

(پرچيز)

PID(K)3156/22